# سکڻ سيکارڻ جي

# حلقن جو جدول

# قرآن ڪريم جا 3 حقوق

10-April-2025



## سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1)** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ **(2)** دعا ياد ڪرڻ: 5 منٽ **(3)** جائزو: 5 منٽ: **ڪل** دورانيو: 15 منٽ

اڄ سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقن ۾ ” **قرآن ڪريم جا 3 حقوق**“ جي موضوع تي مفيد ترين معلومات ڏني ويندي ۽ ”**سڙي پوڻ تي پڙهڻ جي دعا**“ ياد ڪرائي ويندي، دعا ياد ڪرائڻ کان بعد اجتماعي جائزو ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُلصراط تي نور آهي، جيڪو جُمعي جي ڏينهن مون تي 80 ڀيرا درود پاڪ پڙهي اُن جا 80 سالن جا گناهه مُعاف ٿي ويندا.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ڪريم جا 3 حقوق

### آيتِ ڪريمہ

ترجموڪنزالعرفان: اُهي ماڻهو جن کي اسان ڪتاب ڏنو، اهي ان جي تلاوت اهڙي طرح ڪن ٿا، جيئن تلاوت ڪرڻ جو حق آهي، اهي ئي ماڻهو ان تي ايمان رکن ٿا.

حقيقت ۾ قرآن ڪريم تي ايمان آڻڻ وارا اُهي ئي آهن جيڪي اُن جي تلاوت جو حق ادا ڪن ٿا.[2]

### فرامينِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

---

[1] الترغيب فی فضائل الاعمال ،باب مختصر من الصلاة علی رسول الله صلی الله عليہ وسلم، صفحہ:14،حديث:22۔

[2] تفسير مدارک ،پارہ:1،سورة البقرہ،تحت الآيت :121،جلد:1،صفحہ:126۔

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: دين خيرخواهي جو نالو آهي. عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪنهن لاءِ؟ فرمايو: ❁ الله پاڪ جي لاءِ ❁ اُن جي ڪتاب (قرآنِ ڪريم) جي لاءِ ❁ اُن جي رسول جي لاءِ ❁ مسلمانن جي اڳواڻن لاءِ ❁ ۽ عام مسلمانن جي لاءِ.

**مختصر شرح:** ۞ **الله پاڪ لاءِ خيرخواهي** هي آهي تہ ❁ الله پاڪ تي ايمان آڻڻ ❁ اُن سان گڏ ڪنهن کي الله جو شريڪ نہ بڻائڻ ❁ ان جي اطاعت ڪرڻ ❁نافرماني کان بچڻ. ۞ ڪتابُ الله (قرآنِ پاڪ) جي لاءِ خيرخواهي هي آهي تہ: ❁ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ❁ قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيل حڪمن تي عمل ڪرڻ ❁ قرآن جي تعظيم (عزت) ڪرڻ ❁ قرآن جي احڪامن کي سکڻ وغيره ۞ **رسولُ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **لاءِ خيرخواهي:** ❁ پياري نبي، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ ❁ انهن کي آخري نبي مڃڻ ❁ سندن سنتن تي عمل ڪرڻ ❁ سندن سِيرت جي پيروي ڪرڻ صحابہِ ڪرام ۽ اهلِ بيت رضی اللهُ عنهم سان محبت ڪرڻ ❁ ۽ انهن جي عظمت کي دل سان مڃڻ.

## قرآن ڪريم جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرن! قرآن پاڪ جا اسان تي ڪيترائي حق آهن، انهن مان اڄ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! 3 حق سيکارڻ جو موقعو ملندو.

**پهريون حق:** **قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ**

وضاحت: قرآن پاڪ جو هي حق آهي تہ قرآن پاڪ کي اهڙي طرح تلاوت ڪيو وڃي جيئن تلاوت ڪرڻ جو حق آهي يعني ترتيل سان، آهستہ آهستہ، تجويد جو خيال رکندي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ. ياد رهي! قرآن پاڪ کي اهڙي طرح پڙهڻ فرض آهي جو هڪ حرف ٻئي حرف کان ممتاز (يعني الف ۽ ع، س ۽ ص، ق ۽ ڪ، ح ۽ ه وغيره هڪجهڙن آواز

وارا حرف هڪ ٻئي کان الڳ) هجن، حرڪتون (زبر، زير، پيش وغيره) صحيح نموني ادا ٿين ۽ اهڙي طرح حروف ۽ حرڪتن ۾ ڪنهن قسم جي گهٽتائي يا اضافي کان بچڻ فرض آهي، جن جي ڪري معنيٰ فاسد ٿين[1]. پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪي درست طريقي سان قرآن نٿا پڙهي سگهن، انهن کي گهرجي تہ مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخل ٿي ڪري تجويد ۽ قرائت سان قرآن پڙهڻ سکن ۽ قرآن پاڪ جي حقن جو خيال رکندي تلاوت ڪن. امام اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرآن پاڪ جو هي حق آهي تہ ان کي سال ۾ 2 ڀيرا مڪمل پڙهيو وڃي[2].

**تلاوت قرآن جا فضائل:** تلاوت قرآن افضل عبادت آهي[3]. ۞ قرآن پاڪ جو هڪ حرف پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي[4]. ۞ قرآن پاڪ پڙهڻ سان رحمت نازل ٿيندي آهي. ۞ فرشتا پَرَن سان سايو ڪندا آهن. ۞ سڪينو نازل ٿيندو آهي[5] ۞ قيامت جي ڏينهن قرآن پاڪ پنهنجي پڙهڻ وارن جي شفاعت ڪندو.[6] ۞ قرآن پاڪ پڙهڻ وارو الله پاڪ جو خاص ٻانهو آهي[7].

**ٻيو حق:** قرآنِ ڪريم تي عمل ڪرڻ

**وضاحت:** اسان تي قرآن ڪريم جو هڪ حق آهي اَلتَّخَلُّق بِأَخْلَاقِهِ، وَالتَّأَدُّب بِآدَابِهِ يعني هن ۾ ٻڌايل اخلاق و آداب کي اپنائڻ. قرآن ڪريم ۾ آهي:

---

1 فتاوى رضويہ ،جلد:6،صفحہ:281،ملخصاً۔
2 اتحاف السعادة المتقين ،جلد:5،صفحہ:32۔
3 كنزالعمال ،كتاب الاذكار ،جز :1،جلد:1،صفحہ:257،حديث:2261۔
4 ترمذى ،كتاب فضائل القرآن،باب ماجاء فى من قراء حرفا من القرآن ،صفحہ:676،حديث:2910۔
5 مسلم ،كتاب الذكر ودعا ،باب فضل الاجتماع على تلاوة القرآن ...الخ ،صفحہ:1039،حديث:2699،ملخصًا۔
6 مسلم ،كتاب صلاة المسافرين ،باب فضل قراءة القران وسورة البقرة،صفحہ:290،حديث804۔
7 كنز العمال ،كتاب الاذكار،الجز الاول ،جلد:1،صفحہ:258،حديث:2275۔

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ (پاره:8،الانعام:155)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ هي برڪت وارو ڪتاب آهي جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي، تہ توهان ان جي پيروي ڪيو.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرآن پاڪ جو هڪ حق اهو آهي تہ ان مبارڪ ڪتاب جي پيروي ڪئي وڃي ۽ ان جي احڪام جي خلاف ورزي کان بچڻ گهرجي.[1]

**ٽيون حق: قرآن پاڪ جي تعظيم ڪرڻ**

وضاحت: قرآن پاڪ جو ٽيون حق دل سان ان جي تعظيم ڪرڻ آهي. قرآن پاڪ جي تعظيم ڪرڻ فرض[2] ۽ توهين ڪفر آهي.[3] **قرآن پاڪ جي تعظيم جا طريقا:** ۞ جيئن تلاوت ڪرڻ کان پوءِ ان کي صاف سٿري ۽ سني غلاف ۾ ويڙهي ڪري اوچي جاءِ تي رکڻ. ۞ جيترو ٿي سگهي، سني آواز سان ان جي تلاوت ڪرڻ. ۞ جڏهن ان جي تلاوت ٿي رهي هجي، تہ خاموشي سان ادب سان ٻڌڻ. ۞ ان جي طرف پير نہ ڦهلائڻ. ۞ ان کان مٿي نہ ويهو. سلطان محمود غزنوي رحمۃ اللہ علیہ کي وفات کان پوء ڪنهن خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيو: الله پاڪ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ سلطان محمود غزنوي رحمۃ اللہ علیہ فرمائڻ لڳا: هڪ ڀيرو مان ڪنهن جاءِ تي مهمان هيس، جتي جنهن ڪمري ۾ مون کي ترسايو ويو، اتي پيرن جي طرف قرآن پاڪ رکيل هو. مون سوچيو تہ قرآن پاڪ کي ٻاهر موڪلي ڇڏيان، پر پوءِ اهو خيال آيو تہ مان پنهنجي آرام لاءِ قرآن پاڪ کي ٻاهر ڇو ڪڍان؟ بس اهو سوچي ڪري مون قرآن پاڪ جي تعظيم ڪئي ۽ سڄي

---

1 تفسير صراط الجنان،پاره:8،سورة الانعام ،تحت الآيت :155،جلد:3،صفحہ:247۔

2 فتاوی شارح بخاری ،جلد:1،صفحہ:237۔

3 کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب ،صفحہ:194-

رات وينل رهيس ۽ ان طرف پير نہ ڪيا، بس انهيءَ سبب الله پاڪ مون کي معاف ڪري ڇڏيو[1].

## دهرائي

اَڄ اسان قرآن پاڪ جا 3 حق سکيا: (1) قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ (2) قرآن پاڪ تي عمل ڪرڻ (3) قرآن پاڪ جي تعظيم ڪرڻ.

## سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دعا

## سڙي پوڻ تي پڙهڻ جي دعا

اَذْهِبِ الْبَأْسَ رَبَّ النَّاسِ اِشْفِ اَنْتَ الشَّافِيْ لَاشَافِيَ اِلَّا اَنْتَ

ترجمو: اي سيني ماڻهن جا رب! تڪليف دور فرماءِ، شفا ڏي، تون ئي شفا ڏيڻ وارو آهين، توکان سواءِ ڪو شفا ڏيڻ وارو ناهي.[2]

## اجتماعي جائزو وٺڻ جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## يوميہ 56 نيڪ اعمال

(1) سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2) پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3) هر نماز کان اڳ ۾ نماز جي دعوت ڏني؟ (4) رات جو سُورۃُ المُلْک پڙهي يا ٻُڌي ورتي؟ (5) هر نماز کان پوءِ آيَۃُ الْڪُرسِي، تسبيح فاطمه ۽ سُورتُ الاِخْلاص پڙهي؟ (6) ڪنزالايمان مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون يا صراط الجنان مان ہ صفحا پڙهي يا ٻُڌِي ورتا؟ (7) شَجري شريف جا اوراد پڙهي ورتا؟ (8) 313 ڀيرا درود شريف پڙهي ورتو؟ (9) اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10) **ڪنن** کي گناهن کان بچايو؟ (11) پاڻ کي بدنگاهي کان بچائيندي نظرون جهڪائي رکيون؟

---

[1] دليل العارفين، مجلس:5،صفحہ:28،27۔

[2] سنن الکبری للنسائی، جلد:9،صفحہ:376،حديث:10797،مدنی پنج سوره،صفحہ:219۔

(12) 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13) اَذان ۽ اِقامت جو جواب ڏنو؟ (14) غصي جو علاج ڪيو؟ (15) نيڪ اعمال جي رسالي مان پنهنجو جائزو ورتو؟ (16) پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17) اوهان ۽ جيءُ چئي گفتگو ڪئي؟ (18) مدرسة المدينہ **بالغان** ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19) عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر اندر گهر پهتا؟ (20) **مدني** ڪمن لاءِ 2 ڪلاڪ ڏنا؟ (21) صداءِ مدينہ لڳائي؟ (22) ٻين جي گهرن ۾ جهاتيون پائڻ کان بچيا؟ (23) گهر درس ٿيو؟ (24) مسجد درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25) سنت جي مطابق لباس پاتو؟ (26) زُلف رکڻ جي سُنّت تي عمل ڪيو؟ (27) هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28) گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبہ ڪئي؟ (29) سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30) مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31) سنتن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32) ظهر جون چار سنتِ قَبليہ فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33) تهجد يا صلوٰة اللّيل ادا ڪئي؟ (34) اَوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35) عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36) 12 مدني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مدني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37) ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38) ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39) ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏنو؟ (40) ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41) وقت تي قرض ڏنو؟ (42) عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جنهن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43) صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44) مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45) فجر جي نماز کان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ (46) **ڪجھ** نہ ڪجھ جائز ڪم کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47) چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48) اسراف کان بچيؤ؟ (49) ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50) تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51) زبان جي گناهن کان بچيا؟ (52) فضول گفتگو **سان** بچيا؟ (53) مذاق مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (54)

عمامو شريف ٻڌو؟ (55) پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ و ثواب کيو؟ (56) ماءُ پيءُ جو ادب کيو؟

## قفلِ مدينہ ڪارڪردگي

- ❖ لکي ڪري گفتگو 12 پيرا
- ❖ اشاري سان گفتگو 12 پيرا
- ❖ نگاهون جهڪائي ڪري گفتگو 12 پيرا

## هفتہ وار 9 نيڪ اعمال

(57) اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58) هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59) هفتہ وار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60) يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61) مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62) هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63) هفتہ وار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64) علاقائي دورو ڪيو (65) پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ تا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو